
# ٣. پاوا ڳڙهہ جو سئر

ٻڌو. پڙهو ۽ مزو ماڻيو.



ناتال جي موڪلن ۾، اَسين ڪلاس جا سڀ وديارٿي پنهنجي ماستر سان گڏ پاوا ڳڙهہ گهمڻ لاءِ تيار ٿياسين. پرتاب نگر اِسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي سڀ ٻار تمام خوش ٿياسين.

گاڏيءَ ۾ ڪي ٻار موڄ مستي ڪرڻ، گيت ڳائڻ تہ ڪي وري نَچڻ ٽپڻ لڳا. اَسانجي ڪلاس ۾ هڪ ٻار ڪي بنسري وڄائڻ ايندي هُئي سو هوُ سيني ٻارن ۽ ماسترن کي وندرائي رهيو هو. گاڏي جڏهن چانپانير اِسٽيشن تي آئي تڏهن اَسين سڀ گاڏيءَ مان لهي سنڌوُدرگ ڌرمشالا ڏانهن روانا ٿياسين. اَسان رات اُتي ئي رهياسين.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير پهاڙ تي چڙهڻ شروع ڪيوسين. رستو ڏاڍو هيٺ مٿي ۽ وَر وڪڙ هو. رستي جي ٻنهي پاسي وڏا وڏا وڻ هئا. وڻن ۽ ٻوٽن ۾ ڪِٿي ڪِٿي رنگبرنگي گُل ڦُل ڏسڻ ۾ پئي آيا. پکين منيون لاتيوُن پئي لنويوُن. ايتري ۾ سوُرج ديوتا درشن ڏنو. سج جي ڪرڻن سبب پهاڙ وڏيڪ جڳمڳائڻ لڳو. اَسان اِهو پڻ ڏٺو تہ ڪي ماڻهو ٽراليءَ ۾ چڙهي مٿي وڃي رهيا هئا. اُتان چپن جي وچ مان پاڻيءَ جي ڌارا وهندڙ نظر اَچي رهي هئي. ماستر ٻڌايو تہ ٻڙودا ۾ جيڪا وشوامتري ندي آهي سا هيءَ اَٿو. پوءِ تہ سڀ ٻار پاڻيءَ ۾ هٿ وجهي پاڻي هڪ ٻئي مٿان اُڇلائڻ لڳا.

ڪجهہ وقت کان پوءِ ماستر چيو، ”ٻارو! هيءَ بينڪ جي جاءِ آهي. هينئر اَسين اَڌ پنڌ ڪري

چُڪا آهيون. هاڻي اَسانکي ٻُک بہ ڏاڍي لڳي آهي. سو اَسان سڀ گڏجي ناشتو ڪنداسين.“ اَسان اُتي ناشتو ڪري تازا توانا ٿي اَڳتي وڌياسين ۽ ٿوري ئي وقت ۾ پاوا ڳڙهہ جي چوٽيءَ تي پهچي وياسين. اُتي هڪ ننڍو تلاءُ ڏسڻ ۾ آيو. اَسانکي ماستر ٻڌايو تہ اُنکي ’کير تلاءُ‘ چوندا آهن، چو تہ هن تلاءُ جو پاڻي کير جهڙو اَڇو آهي.‘

نيٺ پهاڙ جا ڏاڪا چڙهي مٿي ڪالي ماتا جي مندر وٽ پهتاسين. ڪالي ماتا جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿياسين. پهاڙ تان چوڌاري نظر ڦيرائڻ سان هيٺ چانپانير جو قلعو ۽ شهر ڏسڻ ۾ پئي آيا. ماڻهوءَ سندن گهر رانديڪن وانگر ننڍا ننڍا پئي لڳا.

گُهمي ڦري اَسين هيٺ لهڻ لڳاسين. لهڻ وقت هڪ وڏو تلاءُ ڏسڻ ۾ آيو جنهن کي ’آجوا تلاءُ‘ چوندا آهن. تکڙا تکڙا قدم کڻي پهاڙ تان هيٺ لٿاسين. ڌرمشالا ۾ ڪُجهہ وقت ترسي روٽي کائي شام واري گاڏيءَ ۾ چڙهي واپس موٽياسين. گاڏيءَ جي درين مان ڪيتري وقت تائين پاوا ڳڙهہ ڏسندا رهياسين. سچ پچ پاوا ڳڙهہ سئر ۾ اَسان کي ڏاڍو مزو آيو.

**نوان لفظ :**

جڳمڳائڻ - چمڪڻ　　　لاتيون لِنوڻ - مٺڙ گيت ڳائڻ　　　ڇپ - وڏو پٿر

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) وڊيارٿين گاڏيءَ ۾ وقت ڪيئن گذاريو؟

٢) پهاڙ جو رستو ڪيئن هو؟

٣) پهاڙ تي مٿي چڙهندي، ٻارن ڇا ڇا ڏٺو؟

۴) پاوا ڳڙهہ ۾ ڪهڙا هنڌ ڏسڻ لائق آهن؟

**سوال ٢ : ضد لکو :-**

هيٺ.................... رات.................... اَندر..................... آخر ............................

**سوال ٣ : هيٺ ڏنل لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

(١) موڪل (٢) پهاڙ (٣) رنگبرنگي (۴) پکي (۵) مندر

**سوال ۴ : هيٺين جملن ۾ ٻيهڪ جون نشانيون ڏيو :-**

١) ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ماستر چيو ٻارو هيءَ بينڪ جي جاءِ آهي.

٢) اَسانکي ماستر ٻڌايو تہ اُنکي کير تلاءُ چوندا آهن چو تہ هن تلاءُ جو پاڻي کير جهڙو اَڇو آهي.

٣) گاڏيءَ ۾ کي ٻار موڃ مستي ڪرڻ گيت ڳائڻ تہ ڪي وري نچڻ ٽپڻ لڳا.

**هدايت :-** ماستر شاگردن کي پاوا ڳڙهہ جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ٻڌائيندو.

**مشغولي :-** اَهڙي ٻئي وڻندڙ هنڌ جو ڪيل سئر شاگرد پنهنجي ڪاپيءَ ۾ گهران لکي ايندا ۽ ڪلاس ۾ اُنجو بيان ڪندا.

## پورڪ اَڀياس

١ . هيٺ ڀارت جا گهمڻ جا ڪجهه مکيہ پهاڙي هنڌ ڏنل آهن.

گُجرات - ساپوتارا
هماچل پرديش - منالي
مڌيہ پرديش - پنچ مڙهي
راجستان - مائونٽ آبو
تامل ناڊو - اوُٽي
اُتراکنڊ - نئنيتال

مهاراشٽر ۾ گهمڻ لائق مکيہ پهاڙي آستانن جا نالا لکو. ...........................................................

٢ . ڏنل مثال موجب هينيان خال ڀريو :-

مثال : سهڪندي سهڪندي مٿي چڙهياسين. (سهڪڻ)

١) ............ رات گذري. (جاڳڻ)
٢) ............ ننڊ اَچي ويئي. (پڙهڻ)
٣) ............ هتي پهتو. (گهُمڻ)
٤) ............ گهر پهتاسين. (ڳائڻ)
٥) ............ اَکيوُن اَچي ٿڪيون. (ڏسڻ)

٣ . راجيش ممبئيءَ جي دادر اِستيشن کان پوني ويو. هاڻي سفر جي مشغولين کي صحيح سلسلي ۾ لکو.

ٽئڪسيءَ ذريعي دادر اِستيشن تي پهچڻ، دادر اِستيشن تي پوني واري گاڏيءَ ۾ وهڻ. گهر کان ٽئڪسيءَ ۾ وهڻ، پوني اِستيشن تي گاڏيءَ ۾ پهچڻ، ٽڪيٽ بوڪ ڪرائڻ.

| | | |
|---|---|---|
| (١) | (٢) | (٣) |
| (٤) | (٥) | |

٤ . هيٺ ڏنل لفظن ۾ 'دار' جوڙي نوان لفظ ٺاهيو :

مثالُ : جَواب + دار = جوابدار

| | | |
|---|---|---|
| وفا ............ | دکان ............ | دل ........ |
| زمين ........ | زور ........ | خبر ............ |
| هوا ........ | وزن ........ | اَثر ............ |

## ضمير

١. شيام ۽ راڌا چيو ’اَسان مندر ۾ وڃي رهيا آهيون.‘
٢. اَنيل، راج کي چيو ’تون اَڄ اِسڪول ضرور اَچج.‘
٣. گيتا ڪلاس مان واپس آئي، هُن ماءُ کي ڪلاس جو حال اَحوال ٻڌايو.
۴. مينا : ’مون اَڄ راند ڪئي.‘

پهرين جملي ۾ **’اَسان‘** لفظ شيام ۽ راڌا لاءِ ڪم آندو ويو آهي.
ٻئين جملي ۾ **’تون‘** لفظ راج لاءِ چيو ويو آهي.
ٽئين جملي ۾ **’هُن‘** لفظ گيتا لاءِ ڪم آندل آهي.
چوٿين جملي ۾ **’مون‘** لفظ مينا لاءِ ڪم آندل آهي.
شيام، راڌا، راج، گيتا ۽ مينا اِهي لفظ **اِسم** آهن ۽ اَسان، تون، هُن ۽ مون **ضمير** آهن.

**جيڪو لفظ اِسم جي بدران اِستعمال ٿيندو آهي اُن کي ضمير چئبو آهي.**

**مثال :-** مان، تون، توهان، ڪير، اَسين، ڪجهہ، هوُ، اُهي، وغيره.

**هيٺ ڏنل جملن ۾ ضمير چونڊيو :**

١. تون ۽ مان سياڻي بازار هلنداسين. [ ]
٢. هوُ اِسڪول ۾ ويو. [ ]
٣. اَڄ ڪير آيو هو؟ [ ]
۴. اَسين پڪنڪ تي ويندا سين. [ ]
۵. تون ايندين تہ مان هلندس. [ ]

## وندر جو وقت

ڏنل اَکر سان شروع ڪري مِثال موجب چوکنڊا ڀريو :-

| | د | ج | م | پ | ڪ | س |
|---|---|---|---|---|---|---|
| نالو | دنيش | | | | | |
| ڪاڏي جو قسم | | | | | | سيرو |
| شيءِ | دروازو | | | | | |
| شهر | | جئپور | | | | |
| جانور | | | مينهن | | | |
| قدرتي نعمت | | | | پهاڙ | | |
| پيشيدار | | | | | ڪڙمي | |